هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

25th August 2016



## مقبول حج جون نشانيون

(Sindhi)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# مقبول حج جون نشانيون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود جي فضيلت

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عَظَمت نشان آهي: جنهن ڪي ڪا مُشڪل پيش اچي تہ ان کي کپي تہ اهو مون تي دُرُودِ پاڪ جي ڪثرت ڪري، ڇوتہ دُرُود پڙهڻ مصيبتن ۽ بلائن کي ٽارڻ وارو آهي.

(اَلْقَوْلُ الْبَدِ يع،الباب الخامس في الصلاة عليه...الخ، ص ۴۱۴،رقم:۴۵)

شافی و نافی ہو تم کافی و وافی ہو تم درد کو کر دو دوا تم پہ کروڑوں درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.



www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وِڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَی الحَبِيب! اُذْکُرُوالله, تُوبُوا اِلَی الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مايوس نہ ٿيڻ وارو حاجي

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علامہ مولانا اَبُو بلال محمّد اِلياس عطّار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي تصنيف ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون ۽ مديني جون زيارتون“ جي صفحي نمبر 96 تي هڪ اِيمان اَفروز حِڪايت نقل ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا:

حضرت سيدُنا مالڪ بن دِينار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه فرمائن ٿا: مون مسلسل



www.dawateislami.net

چوڏهن (14) سالن تائين حج جي عظيم سعادت ماڻيندو رهيس ۽ هر سال هڪ دَرويش کي ڪعبي جو دروازو پڪڙيندي ڏٺو. جڏهن هو ”لَبَّيْكَ ط اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ ط لَبَّيْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ لَبَّيْكَ ط اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ ط لَاشَرِيْكَ لَكَ ط“ چوندو هو ته غيب مان آواز ايندو هو: ”لَالَبَّيْكَ“ مون چوڏهين سال ان شخص کان پڇيو ته اوهان ٻوڙا ته نه آهيو، ان جواب ڏنو: مان سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو آهيان، مون چيو ته پوءِ اها تڪليف ڇو ٿا ڪريو؟ ان چيو: ”يا شيخ! مان قسم کڻي ٿو چوان ته جيڪڏهن 14 سالن جي بدران 14 هزار سال به منهنجي عمر هجي ها ۽ سال جي بدران هر ڏينهن هزار دفعا به اهو جواب ”لَالَبَّيْكَ“ ٻڌڻ ۾ اچي ها تڏهن پوءِ به ان دروازي کان مٿو نه کڻان ها. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان اجا گفتگو ۾ مصروف هئاسين ته اوچتو آسمان مان هڪ ڪاغذ ان جي سيني تي ڪريو، ان اهو ڪاغذ مون ڏانهن وڌايو ته ان ۾ لکيل هو: ”اي مالڪ بن دينار! تون منهنجي ٻانهي کي مون کان جدا ٿو ڪرين ته مون ان جا 14 سالن جا حج قبول ناهن ڪيا، ائين نه آهي بلڪ انهيءَ عرصي ۾ ايندڙ سيني حاجين جا حج به ان جي پڪار جي برڪت سان قبول ڪيا آهن ته جيئن ڪو به منهنجي دربار مان محروم نه ٿئي.“

(عاشقانِ رسول کی 130حکایات مع مکے مدینے کی زیارتیں ،ص ۹۶)

مَغفِرت کا ہوں تجھ سے سُوالی | پھیرنا اپنے در سے نہ خالی
مجھ گنہگار کی اِلتجا ہے | یاخدا تجھ سے میری دعا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حج جي دوران خانهءِ ڪعبه جي مبارڪ دروازي**



www.dawateislami.net

کي پکڙي بظاهر هڪ عام پر حقيقت ۾ بارگاه ربُّ الأنام ۾ مَقبُول بانهي جو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي رحمت تي يقين ۽ ان جي ذات کان حُسنِ ظن تہ ملاحظ فرمايو جو رِضاءِ الٰهي ۽ قُربِ خُداوَندي ماڻڻ، ارڪانِ حج ادا ڪرڻ، ڪعبي شريف جو طواف ڪرڻ ۽ هن مُقَدّس گهر جي زيارت سان پنهنجي اکين کي ٺڏاڻ پهچائڻ جي تڙپ رکي مسلسل 14 سالن کان هتي اچي رحم و ڪرم جي اميد رکي "لَبَّيك ط اَللّٰهُمَّ لَبَّيك ط لَبَّيك لَا شَرِيك لَك لَبَّيك ط اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَك وَالْمُلْك ط لَاشَرِيك لَك ط" جون صدائون بلند ڪندو هو ۽ جواب ۾ "لَالَبَّيْكَ" جو آواز ٻڌوندو رهيو، پر رَحمتِ خُداوَندي کان مايوس ٿيڻ جي بدران صبر ۽ رِضا جو پيڪر بڻجي هڪ قَدم بہ پوئتي نہ ٿيو. آخرڪار آزمائش جي هن گهڙي ۾ اهو نهايت چڱي نموني ڪامياب ٿيو ۽ الله تعاليٰ کي پنهنجي هن مخلص بانهي جي عاجزي، اِنڪساري ۽ اِستقامت سان حَرَمِ ڪعبہ ۾ "لَبَّيك ط اَللّٰهُمَّ لَبَّيك ط لَبَّيك لَا شَرِيك لَك لَبَّيك ط اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَك وَالْمُلْك ط لَاشَرِيك لَك ط" جون صدائون بلند ڪرڻ پسند اچي ويو، تہ خالِق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي بي مِثال مَقبُوليت کان نوازيو جو ان جي اخلاص ڀرين صَدائن کي حاجين جي حج جي قَبول ٿيڻ جو ذَرِيعو بڻائي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حج ارڪانِ اِسلام مان هڪ بُنيادي رُڪن ۽ اَهم عِبادت آهي، ان فَرِيضي جي ادائيگي جي غَرض سان هر سال لکين مُسَلمان هڪ ئي لباس ۾ رنگ ونَسل جي فرق کي مٽائي ۽ پاڻ جي رنجشن کي وساري ڪري حَرَم جي مبارڪ زمين تي گڏ ٿيندا آهن، جنن جي اِتّفاق و اِتّحاد جو دِلڪش نَظارو ڏسي دنيا حيرت زَده ٿي ويندي آهي.



www.dawateislami.net

اها گهڙي حاجين جي لاءِ ڪنهن عظيم نعمت کان گهٽ ناهي هوندو، ڇوته بارگاهِ الٰهي مان انهن خُوش نصيبن تي خُصُوصي ڪرم نوازيون ٿينديون آهن ۽ انهن کي حج جي بدلي ۾ اهڙن عظيمُ الشّان انعامن سان نوازيو ويندو آهي جو جنهن جي باري ۾ ٻڌڻ کان پوءِ حج جي طاقت ۽ قدرت نه رکڻ وارن مُسلمانن جي دل ۽ دماغ ۾ به ان مُقَدّس مقام جي زِيارت جو اَرمان بيدار ٿيڻ لڳندو آهي. اچو! هاڻي حج جي فضيلتن ۽ حاجين کي ملڻ وارن اِنعامن جي باري ۾ 4 فَرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا، ته جيئن اسان جي اندر به حج جي سَعَادت ماڻڻ جو جذبو وڌيڪ اُجاگر ٿئي:

1. حاجي پنهنجي گهروارن مان چار سؤ جي شفاعت ڪندو ۽ گناهن کان ائين نڪري ويندو جيئن ان ڏينهن جڏهن ماءُ جي پيٽان پيدا ٿيو. (ڪنزالعمال، ڪتاب الحج والعمرة، الفصل الاول في فضائل الحج، الجزء۵، ۷/۳، حديث:۱۱۸۳۷)

2. حج ڪندا رهو، ڇوته حج گُناهن کي اهڙي طرح ڌوئي ڇڏيندو آهي، جيئن پاڻي مير کي ڌوئيندو آهي. (معجم اوسط ، من اسمه القاسم، ۴۱۶/۳،رقم:۴۹۹۷)

3. جڏهن توهان ڪنهن حاجي کان مُلاقات ڪيو ته ان کي سلاَم ۽ مُصَافَحو ڪيو ۽ ان کي چئو ته اهو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان پهريان توهان جي لاءِ مَغفِرت جي دعا ڪري، ڇوته ان جي مَغفِرت ٿي چڪي آهي. (مشڪاةالمصابيح،ڪتاب المناسڪ،الفصل الثالث،۴۷۲/۱، حديث:۲۵۳۸)

4. جيڪو حج جي اِرادي سان نڪتو، پوءِ مري ويو ته الله عَزَّوَجَلَّ قِيامَت تائين ان جي لاءِ حج ڪرڻ واري جو ثَواب لکي ڇڏيندو ۽ جيڪو عُمري جي اِرادي سان نڪتو، پوءِ مري ويو ته ان جي لاءِ قِيامَت تائين عُمرو ڪرڻ واري جو ثواب لکيو پيو ويندو. (مسند ابي يعلٰي ، مسند ابي هريرة ، ۴۴۱/۵، حديث: ۶۳۲۷)



www.dawateislami.net

پھر عطا کر دیجئے حج کی سَعادت یارسول | ہو مدینے کی اجازت بھی عِنایت یارسول
حج کا موسِم آگیا حُجّاج نے باندھی کمر | میرے حج کی بھی کوئی ہوجائے صورت یا رسول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**سُبْحٰنَ اللہ** عَزَّوَجَلَّ! **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان تہ اللہ تعاليٰ پنهنجي گھر جي حاجين کي ڪهڙي ڪهڙي طريقي سان نوازيندو آهي، نہ صرف ان جي حج کي قبول ڪندو آهي بلڪ قيامت جي ڏينهن انهن کي شَفَاعت جو اِختيار بہ عطا فرمائيندو آهي، اهي جيئن تہ مَغفِرت جي سَند وٺي موٽندا آهن، تنهنڪري مُسلمانن کي انهن جي دعائن مان حصّو وٺڻ جي ترغِيب اِرشاد فرمائي وئي آهي. جڏهن اسان ڪنهن اِسلامي ڀاءُ جي حج تان واپسي جو اِطّلاع ملي، تہ پنهنجي مَصرُوفيت مان ڪجهہ وقت ڪڍي ان جي زِيارت جي لاءِ وڃڻ گھرجي، ان کي مُبارڪباد ڏيڻ گھرجي ۽ پنهنجي ايمان جي سلامتي، گُناهن کان نُجات، زِيارتِ مڪہ و چل مدينہ وغيره جهڙين سنين سنين دُعائون بہ ڪرائڻ گھرجن، ڪهڙي خبر جو اللہ عَزَّوَجَلَّ ان پياري جي دعائن جي صدقي آئنده سال اسان کي بہ خانہءِ ڪعبہ ۽ روضيءِ رسول جي حاضري ۽ زِيارت جو شَرَف عطا فرمائي ڇڏي. بيان ڪيل آخري حديثِ پاڪ مان اهو بہ مَعلُوم ٿيو تہ حج جي اِرادي سان نڪرڻ کان پوءِ اِنتقال ڪرڻ وارن جا تہ ڀاڳ ئي ڀلا آهن جو انهن جي لاءِ قِيامَت تائين حج ڪرڻ جو ثواب لکيو ويندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! جنهن تي نماز پڙهڻ فَرض آهي، ان کي نہ رڳو نماز جا ضروري اَحڪام سکڻ فَرض آهن بلڪ نماز دَوران ان اَحڪامن جو لحاظ ڪرڻ بہ ضروري ۽ لازِم آهي تہ جيئن اُنهن جي نماز



www.dawateislami.net

بارگاهِ الٰهي ۾ مَقبول بہ ٿئي ۽ اُن کي نماز پڙهڻ جا دُنياوي ۽ اُخروي فائدا ۽ فضائل بہ حاصل ٿين، اهڙي طرح جنهن تي حج فَرض آهي اُن کي حج جا ضروري اَحڪام سکڻ ۽ دورانِ حج انهن جو لحاظ ڪرڻ بہ بيحد ضروري آهي تہ جيئن اُن کي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي نصيب ٿئي ۽ بارگاهِ خُداوَندي ۾ اُن جي حج کي قَبُوليت جو دَرَجو بہ حاصل ٿئي، بدقسمتي سان بعض نادان مُسَلمان نماز، روزه، حج ۽ زڪوٰة جا مسئلا سکڻ ۾ ڄاڻي واڻي سُستي ڪندا آهن، جنهن جي ڪري عَين ممڪن آهي جو اُنهن جي عِبادات ۾ ڪا اهڙي غلطي ٿي ويندي هجي، جنهن سان اها عِبادت ئي ضائع ٿيندي ويندي هجي، بلڪ ڪيئي ڀيرا ائين بہ ٿيندو آهي جو جيڪڏهن ڪو دَرد مَند اِسلامي ڀاءُ اهڙن نادانن جي اِصلاح ڪندي انهن کي ٻڌائي تہ فُلاڻي غلطي جي ڪري اوهان جي اها عِبادت ضائع ٿي سگهي ٿي، تہ اهي چوندا آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ قبول ڪرڻ وارو آهي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي جو عملن کي قَبُول ڪرڻ واري ذات الله عَزَّوَجَلَّ جي ئي آهي، پر ان جي حوالي سان شريعت جا احڪام بہ تہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي جي طرفان آهن، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ نماز، روزه ،حج ۽ زڪوٰة جي شَرَعي مسئلن کي چڱي طرح سکون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل طريقي جي مطابق ئي عمل ادا ڪيون ۽ ائين پنهنجي طرفان سموري اِحتياط ڪرڻ ۽ مڪمّل ذِمّہ داري اَدا ڪرڻ کان پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان انهن عملن جي قَبُوليت جي قوي اُميد رکو ۽ عملن جي قَبُوليت کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذمہءِ ڪرم تي ڇڏي ڏيو، ياد رکو! ڄاڻي واڻي مسئلا سکڻ جي مُعامَلي ۾ سُستي ڪرڻ ۽ عِبادات کي ناقِص طريقي سان اَدا ڪرڻ کان بعد



www.dawateislami.net

قَبُوليت جي اُميد رکڻ عقلمندي ناهي. عِبادات کي دُرست طريقي سان اَدا ڪرڻ جي لاءِ شَرعي مسئلا سکڻ ڪيتري قدر ضروري آهن، ان جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو جو اسان جي پياري آقا، مکي مدَني مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حج جي اَهمِيت بيان ڪندي ان بابت مسئلا سکڻ جو حڪم ارشاد فرمايو. جيئن

## دين جو حصو

حضرت سَيدُنا ابوسَعيد رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: حج جا مسئلا سکو، ڇوته هي توهان جي دِين جو حصو آهي.

(کنزالعمال،ڪتاب الحج والعمرة، الفصل الثالث ... الخ، الجزء۵، ۱۲/۳، حديث:۱۱۸۹۳)

اچو! پهريان اسان حج جي ادائيگي جي شرطن بابت پڙهون ٿا. جيئن

## حج فرض ٿيڻ جا شرط

صدرُ الشَّريعه، بدرُ الطَّريقه حضرتِ علّامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعَظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اِرشاد فرمائن ٿا ته حج فَرض ٿيڻ جا اٺ (8) شرط آهن جڏهن اهي سمورا شرط موجود هوندا، تڏهن ئي حج فرض ٿيندو نه ته نه، ۽ اهي اٺ (8) شرط هي آهن: (1) اِسلام (2) تَندُرست هئڻ (يعني ان جي عضوئن جو سلامت هجڻ، انڌو نه هئڻ، ڇوته اپاهج ۽ فالِج وارو ۽ جنهن جا پير ڪٽيل هجن ۽ پوڙهي تي جيڪو سواري تي پاڻ نه ويهي سگهندو هجي حج فرض نه آهي) (3) عاقل هئڻ (يعني عقلمند هجي ڇوته مجنون تي حج فرض ناهي) (4) بالغ هئڻ (5) آزاد هئڻ (يعني لونڊي ۽ غلام تي حج فرض ناهي) (6) سفر تي ٿيڻ واري خرچ جو مالڪ هجي ۽ سواري تي پڻ قادر هجي (7) دَارُالحَرب ۾ نه هجي يا (دَارُالحرب ۾) هجي پر اهو به ڄاڻندو هجي ته اسلام جي



www.dawateislami.net

فرضن مان هڪ فرض حج جي ادائيگي بہ آهي جيڪڏهن ان کي ان جو علم ناهي تہ ان تي حج فرض نہ ٿيندو. (8) وقت جو هئڻ (يعني حج جي مهينن ۾ تمام شرط موجود هجن). (بهار شريعت،حصه ششم،۱۰۳۶/۱ تا۱۰۴۳،ملتقطاً بتغير قليل)

صَـلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حج هڪ عظيم عِبادت هئڻ سان گڏوگڏ دُعائن جي قَبُوليت جي گهڻن هنڌن تي حاضري جو سبب بہ آهي، حطيمِ ڪعبہ هجي يا ميزابِ رحمت، مقامِ ابراهيم هجي يا عَرَفات جو ميدان، مِنٰي هجي يا مُزدَلفہ، غارِ حرا ۽ هجي يا مڪہءِ مڪرَّمہ جون حَسين ۽ دِلڪش وادِيون، مطلب تہ هر جڳہ الله عَزَّوَجَلَّ جي مسلسل رحمتن جو نزول جاري و ساري رهندو آهي، حاجين جي لاءِ ڏينهن رات دعا جي قبوليت ۽ رحمت ۽ رَضوان جا دروازا کليل رهندا آهن ۽ مغفرت و بخشش جا پروانا تقسيم ٿيندا آهن ان ڪري حاجي کي گهرجي تہ اهو ان موقعي کي غنيمت سمجهندي، پنهنجي لاءِ ۽ سيني مسلمانن جي لاءِ روئيندي ٻاڏائيندي دُعائون گهري، خاص ڪري اها دُعا گهرڻ نہ وساري تہ الٰهي عَزَّوَجَلَّ! هن حج کي اسان جي لاءِ حجِ مَبرُور يعني مقبول حج بڻائي ڇڏ ڇوتہ حجِ مَبرُور جي وڏي فضيلت ۽ اهميت آهي، ان ڪري حج جي دوران بہ هر هر اها دعا پڙهي ويندي آهي:

اَللّٰهُمَّ ارْزُقْنَا حَجًّا مَّبْرُوْرًا وَّ ذَنْبًا مَّغْفُوْرًا وَّ سَعْيًا مَّشْكُوْرًا وَّ تِجَارَةً لَّنْ تَبُوْرَ (يعني) اي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان کي حجِ مَبرُور (يعني مقبول حج) نصيب ڪر، اسان جا گناهہ بخشي ڇڏ، اسان جي ڪوشش مقبول فرما ۽ اسان کي اهڙي تجارت نصيب ڪر جنهن ۾ هر گز نقصان نہ ٿئي. (بهشت کی کنجیاں، ص۱۰۷)

دِکھا ہر برس تُو حرم کی بہاریں
تُو مکّہ مدینہ دِکھا یا اِلٰہی



www.dawateislami.net

شَرف ہر برس حج کا پاؤں خدایا چلے طَیْبَہ پھر قافلہ یا اِلٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مقبول حج جا فضائل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! احاديثِ مبارڪ ۾ حج مَبرُور يعني مقبول حج جا فضائل ۽ ان حج مان ڇا مراد آهي؟ هن جو بيان بہ موجود آهي. اچو! هاڻي مقبول حج جي فضيلتن تي مشتمل وڌيڪ 3 احاديثِ مُبارڪ پڙهون ۽ خوش ٿيون: جيئن

1. نبي اڪرم،نورِ مُجَسّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مقبول حج جو ثواب جنت کان گهٽ ناهي. عرض ڪيو ويو: مقبول مان ڇا مراد آهي؟ فرمايائون: اهڙو حج جنهن ۾ ڪاڏو ڪارايو وڃي ۽ چڱي گفتگو ڪئي وڃي. (معجم اوسط، من اسمه موسي ، ۶/ ۱۷۳، حديث: ۸۴۰۵)

2. پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مقبول حج جي جزا جَنّت ئي آهي،صحابہِٴ ڪرام عَلَیْھِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: يارسولَ اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مقبول حج ڇا آهي؟ اِرشاد فرمايا: اهڙو حج جنهن ۾ (بکايل کي) ڪاڏو کارائڻ هجي ۽ سَلام کي عام ڪرڻ.

(كنزالعمال، كتاب الحج والعمرة،الفصل الاول ...الخ، الجزء۵، ۷/۳، حديث:۱۱ ۸۳۰ )

3. اللہ عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ کان اَفضَل عمل اهو ايمان آهي، جنهن ۾ شڪ نہ هجي، اها جنگ آهي جنهن ۾ خيانت نہ هجي ۽ مقبول حج.

(ابن حبا ن، كتا ب السير،ذكر البيان بان الجهاد ...الخ،۷/ ۵۹،حديث:۴۵۷۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

سُبۡحٰنَ اللهعَزَّوَجَلَّ! ٻڌو اوهان ته الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي نوازڻ جي لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اَسباب پيدا ڪيا آهن، بِلا شُبه اهو سڀ ان جو فضل ۽ ڪرم ئي آهي جو لکين عاشق هر سال ان جي پاڪ بارگاهه جي حاضري جو شرف حاصل ڪندا آهن، ۽ مقاماتِ مُقدَّسه تي وڃي روئي روئي پنهنجي گناهن جي معافي گهرندا ۽ حج جي قبوليت جي اُميد رکي دِيوانن جيان "لَبَّيك ط اَللّٰهُمَّ لَبَّيك ط لَبَّيك لَا شَرِيك لَك لَبَّيك ط اِنَّ الْحَمْدَ وَالنِّعْمَةَ لَك وَالْمُلْك ط لَاشَرِيك لَك ط" جون صدائون بلند ڪندا آهن ۽ دعا و اِستِغفار ۾ مشغول رهندا آهن. ته اي حج جا فارم ڀرڻ وارا عاشقانِ رسول! اي حج جون تياريون ڪرڻ وارا عاشقانِ رسول! اوهان سيني کي مبارڪ هجي ته اهو ئي ڪعبو شريف جو جنهن کي رڱو تصويرن ۾ ڏسي ڏسي اکين کي ٿڌو ڪندا هئاسين، آهون ڀريندا ۽ ديدار جي تڙپ ۾ لڙڪ وهائيندا هئاسين، جنهن جي ديدار جي شوق ۾ هڪ وڏي رقم جمع ڪئي آهي، سڄي زندگي جنهن پاڪ در جي حاضري جي لاءِ نه صرف پاڻ، اوهان دعائون گهريون بلڪ ٻين کان به گهرائيون ۽ انهي حسرت ۾ ڏينهن ڪٽيندا هئا ته اسان کي به ڪڏهن ان پاڪ دَر جي حاضري نصيب ٿيندي، اسان به بيداري جي عالَم ۾ انهن اکين سان ڪعبي شريف جي زيارت ڪنداسين، هتي وڃي آبِ زم زم پيئڻ نصيب ٿيندو، مُلتَزم کي ياڪر پائي پنهنجو اَفسانو ٻڌائينداسين، مُقدّس مهاڳن تي وڃي روئيندي ٻاڏائيندي مَغفِرَت ۽ رِضوان جي خيرات طلب ڪنداسين، مبارَڪ صد هزار مُبارَڪ جو ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اوهان انهيءَ عظمت واري شهر جي پُرڪيف فَضائن جون برڪتون ماڻيندا ۽ پنهنجي ڪليل اکين سان خانۂ ڪعبه جي اَنوار و تجليات جو نَظارو ڪري پنهنجون سِڪون لهائيندا.

اللهعَزَّوَجَلَّ اوهان جي حج کي مقبول حج ڪري.



www.dawateislami.net

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَاليه زائرينِ حج جي مدني تربيت کندي مختلف مدني مذاڪرن ۾ مدني گل عطا ڪندي فرمائن ٿا:

* حاجي جڏهن الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ وصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گهر جو اِرادو ڪري، اُن جي دِل ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي محبت جو چراغ هجي ۽ اُن جو سِينو، عشقِ رسول جو مدينو هجي تہ ان جهڙي ڪا بي ڳالهہ ئي ناهي!

* حاجي جي سان گڏ سفر ۾ گهٽ مان گهٽ هڪ سُنّي مُتَصَلِّب (مسلڪ ۾ پڪو)، يارسول الله چوڻ وارو عالمِ دين هجڻ گهرجي جيئن تہ اتي قدم قدم تي شرعي رهنمائي ٿئي ۽ ايمان جي حفاظت جو بہ سامان ٿيندو.

* ڪاش! حج ڪرڻ وارا "حاجي" چورائڻ جي نيت سان نہ بلڪ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ حاجي بڻجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ حَرَمَينِ طَيِّبَين جي پُرنور نظارن جي يادن سان مالا مال حسرت دِل ۾ ڪٽي پنهنجي هڪ ڪلام ۾ فرمائن ٿا:

حج کا سفر پھر اے مِرے مولیٰ نصیب ہو
عَرَفات کا مِنٰی کا نظارہ نصیب ہو



www.dawateislami.net

کعبے کے جلوؤں سے دِلِ مُضطرب‌ہو کاش!شاد
لطفِ طوافِ خانۂ کعبہ نصیب ہو
مکّے میں اُن کی جائے وِلادت پہ یا خدا
پھر چشمِ اشکبار جمانا نصیب ہو
ہم جا کے خوب لَوٹیں مدینے کی دُھول پر
آنکھوں میں خاکِ طَیْبَہ لگانا نصیب ہو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪام ”علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مُعاشري ۾ موجود طرح طرح جي ناجائز رسمن کان بچڻ جو ذِهن ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ 12مدني ڪمن ۾ خُوب خُوب حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان هفتيوار هڪ مدني ڪم ”علاقائي دورو براء نيڪي جي دعوت“ ۾ پرپُور شرڪت ڪيو. نيڪي جي دعوت ڏيڻ هڪ اهڙو اَهم ڪم آهي جو سيني ئي انبياء ڪرام عَلَیہِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ خود سيدُالانبياء،محبوبِ خدا صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي به انهيء مقصد جي لاءِ دنيا ۾ موڪليو ويو، پاڻ صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مختلف مُشڪلاتون ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ جي بعد به اَمْرٌبِالْمَعْرُوْف وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ) جي هن عظيم ڪم کي بَحُسن وخوبي سر اَنجام ڏنو. اسان کي به وقت ڪڍي هن عظيم مدني ڪم ۾ وڌ کان وڌ حصّو وٺڻ گهرجي. ان جي علاوه هر جمعرات جو ٿيڻ واري هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ اَوّل تا آخر شرڪت سان گڏوگڏ هر هفتي بعد نمازِ عشا ٿيڻ واري مدني مذاڪري ۾ شرڪت کي به پنهنجو معمول بڻايو ۽ هر مهيني ٽن (3) ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت به حاصل ڪيو،



www.dawateislami.net

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون کوڙ ساريون برڪتون نصيب ٿينديون. اچو ترغيب جي لاءِ مان اوهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو:

## 19 سال پراڻو مرض

بابُ المدينہ (ڪراچي) جي علائقي ناظم آباد ۾ مقيم هڪ وڏي عمر واري اسلامي ڀاء مدني قافلي مان حاصل ٿيڻ واري برڪتن جو ڪجهہ اهڙي طرح تذڪرو ڪن ٿا تہ مان اٽڪل 19 سال کا ساھ جي مرض ۾ مبُتلا هئس. ڪڏهن تہ مرض جي شِدّت جي ڪري مون کي شديد تڪليف برداشت ڪرڻي پوندي هئي. ڪڏهن آڌي رات جو طبيعت پڳڙجي ويندي هئي تہ انهيءَ وقت ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پوندو هو، مطلب تہ مان بيحد پريشان رهندو هئس. علاج مُعالَجي ۾ ڪا ڪمي نہ ڪئي هئي. هر ڏينهن ڪم و بيش 150 روپيا دوائين تي خرچ ٿيندا هئا، جنهن سان وقتي طور تي تو آرام ٿيندو هو، پر مون کي مُستقل سُڪون ميسر نہ هو. هر وَقت انهيءَ فڪر ۾ پريشاني ۾ رهندو هئس تہ ان مرض مان ڪيئن شِفا ملندي. منهنجي خُوش قسمتي جو هڪ ڀيري دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول سان گڏ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ٿي. مدني قافلي جي برڪت سان جتي منهنجا ڏينهن رات عبادتِ الٰهي ۾ گذريا ۽ علمِ دين حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. اتي مون کي ٻيون برڪتون بہ نصيب ٿيون.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهن ٽن ڏينهن ۾ مون کي نہ انجڪشن جي حاجت پيش آئي، نہ ئي ڪنهن ڊاڪٽر وٽ وڃڻو پيو، بلڪ مدني قافلي ۾ اهڙو اطمينان ۽ سڪون مليو جيڪو ان کان اڳ ۾ ڪڏهن نہ مليو هو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان منهنجو 19 سال پُراڻي مرض ۾ واضح ڪمي آئي.



www.dawateislami.net

هاڻي مون نِيت ڪئي آهي تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هر مهيني 3 ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر ڪندس.

دِل ميں گر دَرد ہو ڈَر سے رُخ زرد ہو　　پاؤ گے فرحتیں قافلے میں چلو
آفتوں سے نہ ڈَر، رکھ کرم پر نظر　　لینے آسائشیں قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! اها ڳالهہ ذهن نشين رهي تہ مقبول حج جو مفهوم نهايت وسيع آهي، شايد اهو ئي سبب آهي جو بعض عالم سڳورن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِين پنهنجي ڪتابن ۾ مقبول حج جي قَبول ٿيڻ جا شرط لکيا آهن ۽ مقبول حج جي فضيلتن تي مُشتمل احاديثِ طَيبہ جي شرحن جي تحت نهايت واضح انداز ۾ ان جي نشانين کي بيان فرمايو آهي. اچو! مقبول حج جا شرط ۽ ان جي نِشانين کي پڙهون ٿا تہ جيئن حج جي سعادت ملڻ تي اسان سڀ بہ ۽ خاص ڪري هن سال الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا مهمان بنجڻ وارا مُسَلمان اِن مان حاصل ٿيڻ وارن مدني گلن کي پنهنجي دل جي مدني گُلدستي ۾ سجائي مقبول حج جي خُوشخَبري ماڻڻ وارن ۾ پنهنجو نالو لکرائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهن جيئن تہ

صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطَّريقہ حضرت علاّمہ مولانامُفتي محمّد اَمجَد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: قبولِ حج جي لاءِ ٽي (3) شرط آهن:الله عَزَّوَجَلَّ فرماتا آهي:

فَلَا رَفَثَ وَلَا فُسُوْقَ ۙ وَلَا جِدَالَ فِي الْحَجِّ ؕ
(پ۲، البقرة: ۱۹۷)

ترجمو ڪنزالايمان: تہ نہ عورتن جي آڏو صحبت جو ذڪر ٿئي، نہ ڪو ڏوهہ، نہ ڪنهن سان جهيڙو.



www.dawateislami.net

تہ انھن ڳالھين کان نهايت ئي پري رهڻ گھرجي، جڏھن ڪاوڙ اچي يا جھيڳڙو ٿئي يا ڪنهن گناھ جو خيال اچي، هڪدم متو جُھڪائي دل ڌانھن مُتَوَجَّہ ٿي هن آيت جي تلِاوت ڪري ۽ هڪ ٻہ ڀيرا لَا حَول شريف (يعني لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰہِ الْعَلِیِّ الْعَظِیم) پڙهي، اھا ڳالھ ختم ٿي ويندي، اهو ناهي تہ ان جي طرفان اِبتِدا ٿئي يا پنهنجي ساٿي ئي سان جھيڳڙو بلڪ بعض اوقات امتحاناً راھ هلندڙن کي پيش ڪيو ويندو آهي تہ بي سبب اٽڪندا بلڪ گار گند ۽ لَعنت و مَلامَت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا آهن، تنهنڪري حاجي کي هر وقت هوشيار رهڻ گھرجي، خدا نہ ڪري هڪ ٻن جملن ۾ سڄي محنت ۽ رُوپيا برباد ٿي وڃن. (بهار شريعت،حصه ششم،۱/۱۰۶۱-۱۰۶۰بتغير قليل)

ياد رهي تہ گناھ جو ڪم ۽ جهيڙو جهٽو تہ هر جڳھ تي منع آهي پر جيئن تہ حج هڪ عظيم ۽ مُقَدَّس عِبادت آهي، ان ڪري هن عِبادت جي دوران هن کان بچڻ جي بطورِ خاص تاڪيد ڪئي آهي.

(صراط الجنان، پ۲، البقرة،تحت الآية:۱۹۷،۱/۳۱۴بتغير قليل)

چُوموں عَرَب کی وادیاں اے کاش! جا کے پھر — صَحرا میں اُن کے گھومنا پھرنا نصیب ہو

کعبے کے جلوؤں سے دلِ مُضطَر ہو کاش! شاد — لُطفِ طوافِ خانَۂ کعبہ نصیب ہو

اچو! هاڻي اسان مقبول حج جي نشانين جي باري ۾ ٻڌون ٿا.چُنانچہ

## مقبول حج جون نشانيون

حُجَّةُ الاِسلَام حضرت سَيدُنا امام محمد غزالي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا: منقول آهي، حج جي قبول ٿيڻ جي هڪ نشاني اها بہ آهي تہ حاجي جن نافرمانين ۾ ڦهريان مُبتَلا هو، انهن کي ڇڏي ڏئي ۽ پنهنجي بُرن دوستن کي ڇڏي نيڪن جي صحبت اختيار ڪري، راند روند ۽ غفلت ڀرين مجلسن کي ڇڏي ذِڪر وفِڪر ۽ بيداري جون محفلون اختيار ڪري.

(احياء العلوم،۱/۸۰۳)



www.dawateislami.net

اعليٰ حضرت،امامِ اَهلسنت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حجِ مَبرُور(مقبول حج) جي نشاني ئي اها آهي تہ پهريان کان سنو ٿي موٽي. (فتاويٰ رضويه،۴۶۷/۲۴)

صدرُ الشَّريعه،بدرُ الطَّريقہ حضرت علّامہ مولانا مُفتِي محمّد اَمجَد علي اعظَمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: (حاجي کي گهرجي تہ اهو) حاجت کان وڌيک زادِ راه (سفري سامان) کڻي جو ساٿين جي مدد ۽ فقيرن تي صدقو کندو هلي، جو اها مقبول حج جي نشاني آهي. (بهار شريعت، حصه ششم،۱۰۵۱/۱بتغير قليل)

شيخ الحديث حضرت علامہ عبد المصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مقبول حج اهو حج آهي جو جنهن جي دوران حاجي کو گناه جو کم نہ کري، نہ ئي رِياڪاري ۽ شهرت جو کو شڪ ۽ شُبو ٿئي، بلڪ صِرف اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ هجي. (بهشت کی کنجياں، ص۱۰۷ بتغير قليل) (هڪ ٻي هنڌ تي فرمائن ٿا: حج جي لاءِ روانو ٿيڻ وقت) رقم يا زادِ راه جيکو کجھ گڏ وني وڃي حَلال مال مان وني نہ تہ حج مقبول ٿيڻ جي اُميد ناهي جيتوڻيڪ فَرض ادا ٿي ويندو، جيکڏهن پنهنجي مال ۾ کجھ شُبو هجي تہ گهرجي کنهن کان قرض وني حج تي وڃي ۽ اهو قرض پنهنجي مال مان ادا کري، رقم ۽ زادِ راه پنهنجي حاجت کان کجھ وڌيک کڻي وڃي تہ جيئن پنهنجي ساٿين جي مدد کري ۽ فقيرن کي صَدَقو ڏيندو هلي جو اهو مقبول حج جي نشاني آهي. (جنتي زيور،ص۳۶۷بتغير قليل)

مُفَسّرِ شَهير،حکيمُ الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ مختلف هنڌن تي مقبول حج جي نشانين کي بيان فرمايو آهي جيئن

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ❋ مقبول حج اهو آهي جيکو جهيڙي جهٽي،



www.dawateislami.net

گناھ ۽ ڏيکاء کان خالي ھجي ۽ صحيح ادا ڪيو وڃي. (مرآة المناجيح،۴/۸۷بتغير قليل)
* مقبول حج ھوندو ئي اھو آھي جو نمازون وغيره ادا ڪري ڪيو وڃي. (مرآة المناجيح،۴/۱۴۶) * مقبول حج مان مراد اھو حج آھي، جنھن ۾ گناھ کان بچيو وڃي يا اھو حج جنھن ۾ ڏيکاء ۽ شُھرت کان پرھيز ھجي يا * مقبول حج اھو حج آھي جنھن کان بعد حاجي مرڻ گھڙي تائين گناھن کان بچي،حج برباد ڪرڻ وارو ڪو عمل نہ ڪري.

حضرت سَيِدُنا حسن بَصري رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: * مقبول حج اھو آھي جنھن کان پوءِ حاجي دنيا کان بي رغبت ۽ آخِرت ۾ رغبت رکڻ وارو ٿي رھي، يا * مقبول حج اھو آھي جيڪو حاجي جي دل نَرم ڪري ڇڏي جو ان جي دل ۾ سَوز ۽ اکين ۾ آلاڻ رھي. (مرآة المناجيح،۵/۴۴۱بتغير قليل) * مقبول حج اھو حج آھي جيڪو حَلال ڪمائي ۽ صحيح طريقي سان ادا ڪيو وڃي، اِخلاص سان گڏ ڪيو وڃي ۽ مرڻ دم تائين ڪا اھڙي حَرڪت نہ ٿئي، جنھن سان حج باطِل ٿي وڃي يعني مقبول جو بدلو صرف دُنياوي غذا ۽ گناھن جي معافي يا دوزخ کان نجات يا عذاب ۾ ڪمي جي صورت ۾ نہ ٿيندو بلڪ جَنّت ضرور ملندي. (مرآة المناجيح،۴/۹۶بتغير قليل)

حج کا شَرَف ہو پھر عطا یاربِّ مصطَفٰے — میٹھا مدینہ پھر دِکھا یا ربِّ مصطَفٰے
دیدے طوافِ خانَۂ کعبہ کا پھر شَرَف — فرما یہ پورا مُدَّعا یا ربِّ مصطَفٰے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوھان تہ مقبول حج جي نعمت ماڻڻ جي لاءِ اِخلاص جو ھئڻ ۽ رِياڪاري کان بچڻ ڪيتري قدر ضروري آھي، ياد رھي! اِخلاص قَبولِيت جي چابي آھي، اِخلاص جي بنا ڪيا ويندڙ وڏا وڏا عمل بہ



www.dawateislami.net

بارگاھ الٰھي ۾ نامقبول قرار ثيندا آھن، تنھنڪري حاجي جيڪڏھن اِخلاص جي دولت سان مالا مال آھي تہ اھا بہ مقبول حج جي نِشاني آھي جڏھن تہ ڏيکاءُ، حُبِّ جاھ ۽ طلبِ شُھرت بين نيڪ عملن جي قبوليت سان گڏوگڏ حج جي قبول ٿيڻ جي راھ ۾ نھايت وڏويون رڪاوٽون آھن.

شيخ طريقت، اميرِ اھلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ پنھنجي تصنيف "رَفِيقُ الْحَرَمَين" ۾ فرمائن ٿا: ياد رکو! ھر عبادت جي قبوليّت جي لاءِ اِخلاص شرط آھي. ھاءِ! ھاڻي علمِ دين ۽ سني صحبت کان دوري جي ڪري اسان جون اڪثر عبادتون رياڪاري جي نذر ٿي برباد ٿي ويندريون آھن. جھڙي طرح ھاڻي ھر ڪم ۾ ڏيکاءُ جي عمل دخل کي ضروري سمجھيو وڃي ٿو، ائين ھاڻي حج جھڙي عظيم سعادت بہ ڏيکاءُ جي وَر چڙھي ويندي آھي. مثال طور بي شمار ماڻھو حج ادا ڪرڻ کان پوءِ پنھنجو پاڻ کي پنھنجي زبان سان بنا ضرورت جي حاجي چوندا آھن ۽ پنھنجي قلم سان لکندا آھن، توھان شايد سوچ ۾ پئجي ويا ھوندؤ تہ آخر ان ۾ ڪھڙو حرج آھي؟ ھا واقعي ھن صورت ۾ ڪو حرج ناھي تہ ماڻھو توھان کي پنھنجي مرضي سان حاجي صاحب چئي سڏ ڪن، تي اڄڪلھ تہ عجيب تماشو آھي، حاجي صاحب حج لاءِ ويندا يا ايندا آھن تہ بغير سني نيت جي سجي عمارت کي ننڍن بلبن سان سينگاريو ويندو آھي ۽ گھر تي "حج مبارڪ" جو بورڊ لڳايو ويندو آھي بلڪ توبھ توبھ، ڪٿي ڪٿي تہ حاجي اِحرام سان خوب تصويرون ڪيرائيندا آھن. آخر اھو ڇا آھي؟ ڇا پيجي ويل مُجرِم جو پنھنجي رحمت واري رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ اھڙي طرح ڏام ڌوم سان وڃڻ مناسب آھي؟ نہ ھرگز نہ بلڪ



www.dawateislami.net

روئندي ۽ آهون پريندي لرزندي، ڏڪندي وڃڻ گهرجي.

غالباً نماز روزي جي مقابلي ۾ حج ۾ وڌيڪ بلڪ قدم قدم تي رياڪاري جا خطرات پيش ايندا آهن، حج هڪ اهڙي عبادت آهي جيڪا علي الاعلان ڪئي ويندي آهي ۽ ٻيو هر هڪ کي نصيب ناهي ٿيندي، انهيءَ ڪري ماڻهو حاجي سان عاجزي سان ملندا آهن، خوب اِحترام ڪندا، هٿ چمندا، هار پارائيندا ۽ دعائن جي درخواست ڪندا آهن. اهڙي موقعي تي حاجي سخت امتحان ۾ پئجي ويندو آهي ڇوته ماڻهن جي عقيدت ڀرئي سلوڪ ۾ ڪجهه اهڙي لذت هوندي آهي جو انهيءَ سبب عبادت جي وڏي کان وڏي تڪليف به ننڍي محسوس ٿيندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو حبِ جاه ۽ رياڪاري جي تباهه ڪاري جي چڪر ۾ ڦاسي چڪو هوندو آهي پر ان کي خبر به نه پوندي آهي! ان جي دل چوندي آهي ته سيني ماڻهن کي منهنجي حج تي وڃڻ جي خبر پئجي وڃي ته جيئن اهي مون سان اچي ملن، مبارڪ باد ڏين، تحفا ڏين، منهنجي ڳلي ۾ گلن جا هار وجهن، مون کي دعا جي لاءِ عرض ڪن، مديني ۾ سلام عرض ڪرڻ جي لاءِ ٻاڏائي ڪري دعا جي درخواست ڪن ۽ مون کي رخصت ڪرڻ جي لاءِ ائيرپورٽ تائين اچن وغيره وغيره خواهشن جي ڪثرت ۽ علم دين جي ڪمي سبب ڪڏهن ڪڏهن حاجي ”شيطان جو رانديڪو“ ٿي ڪري رهجي ويندو آهي تنهنڪري شيطان جي وار کان خبردار ڪندي، پنهنجي دل جي اندر خوب عاجزي پيدا ڪيو، نمائشي انداز کان پاڻ کي بچايو، خدا جو قسم! رياڪاري جو عذاب ڪنهن کان به برداشت ٿي نه سگهندو. (رفيق الحرمين،ص۵۱ تا ۵۶ ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مكتبة المدينہ جي شايع ٿيل 576 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ حصو پهريون صفحي 53 تي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: بيشڪ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کان جهنم روزانو چار سؤ ڀيرا پناهہ گهري ٿو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ هي وادي امتِ محمديہ علي صاحبِها الصَّلٰوةُوَالسَّلام جي ان رياڪارن جي لاءِ تيار ڪئي آهي جيڪي قرآن شريف جا حافظ، غير اللّٰه جي لاءِ صدقو ڪرڻ وارا، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا حاجي، ۽ راهِ خدا ۾ نڪرڻ وارا هوندا. (معجم ڪبير، الحسن عن ابن عباس،١٢/١٣٦، حديث:١٢٨٠٣)

عطا ڪردے اِخلاص کی مجھ کو نعمت — نہ نزدیک آئے رِیا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! — صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اللّٰه! اللّٰه! مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ رِيا ڪاري جو مُوذِي مرض پنهنجي اندر ڪيتري قدر برائيون رکي ٿو جو ان جي نُحُوست سان نہ صرف حفظِ قرآن، صَدَقو، حج ۽ راهہ خدا ۾ نڪرڻ جهڙين وڏين وڏين نيڪين ڪرڻ وارن کي پنهنجي نيڪين کان هٿ ڌوئڻا پون ٿا بلڪ مَعَاذَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جَهنَّم جي هڪ پُرخطر وادي بہ انهن جو ٺڪاڻو ٿيندي. تنهنڪري جيڪڏهن شيطان مَردُود اسان کي حج يا ڪنهن بہ عِبادت تي رِياڪاري ڪرڻ، عزّت و شُهرت جي خواهش ڪرڻ تي اُڀاري تہ اسان کي گهرجي تہ اسان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بي نيازي کان ڊڄون ۽ پاڻ کي ائين سمجهائيون تہ ماڻهن جو منهنجي واڪاڻ ۾ ڪجهہ جُملا چوڻ يا مون کي ساراهہ جوڳي نگاهہ سان ڏسڻ، يا مون کي شُهرت ملي وڃڻ، نَفس جي لاءِ يقيناً لذّت جو سبب آهي پر ان جي واڪاڻ نہ تہ منهنجي ثواب ۾ اِضافو ڪرائي سگهي ٿي ۽ نہ ئي ميدانِ مَحشر ۾ مون کي ڪاميابي ڏياري



www.dawateislami.net

سگهي ٿي، البت جيڪڏهن مان ماڻهن جي واکاڻ ڪرڻ سبب رِياڪاري جي آفت ۾ مبتلا ٿي ويس تہ منهنجي عِبادت قبُوليت جو درجو حاصل نہ ڪري سگهندي، تنهنڪري اهڙي ساراهہ جي خواهش رکڻ جو ڪهڙو فائدو؟ مان ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نيڪ عمل ڇو ڪيان، مون کي صرف ۽ صرف پنهنجي ربّ عَزَّ وَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ عِبادت ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن رِياڪاري جي شيطاني وسوسي اچڻ مهل اسان اهڙي طرح پاڻ کي سمجهائيندا سين ۽ پنهنجي نفس کي آئينو ڏيکاريندا سين تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ رياڪاري کان بچڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿي ويندا سين.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪتاب "رَفِيقُ الحَرَمَين" جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حج جا فضائل ۽ مسئلا ڄاڻڻ ۽ رياڪاري جي آفت مان ڀيڇو ڇڏائڻ جي لاءِ شيخِ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه جي تصنيف "رَفِيقُ الْحَرَمَين" جو مطالعو ڪيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي هن ڪتاب ۾ حج ۽ عمرو ڪرڻ جون نيتون، ان جو طريقو، سفر جا 26 مدني گل، اِحرام ٻڌڻ جو طريقو، مختلف دُعائون، دِلچسپ حِڪايتون، ضروري احتياط، بارگاہ رسالت ۾ حاضري جا مدني گل، مڪي مديني جي مُقَدَّس مقامات بابت مفيد مَعلُومات، حج جي مُتَعَلّق اَهم سُوال ۽ جَوَاب ۽ ٻيا ڪيئي مدَني گلن کي بَيان فرمايو آهي، تنهنَڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَدِيةً طَلَب فرمائي پاڻ بہ ان جو مُطالَعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو، بلڪ ٿي سگهي تہ حُصُولِ ثواب



www.dawateislami.net

جي نِيت سان حسبِ توفيق وڏيڪ تعداد ۾ طَلَب فرمائي عازِمينِ حج کي بہ تحفةً پيش ڪيو.

دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان کي ٻين عِبادتن سان گڏوگڏ حج جهڙي اَهم ترين عِبادت جي مَعَامَلي ۾ بہ الله تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن جو طرزِ عمل پيشِ نظر رکڻ گهرجي، الله وارن جو حج جو انداز نهايت ئي نِرالو هوندو آهي، ڏينهن رات پنهنجي مالڪ ۽ موليٰ جي ياد ۽ ان جي اِطاعت ۾ مشغول رهڻ ۽ حج جا ارڪان ڪامل طريقي سان ادا ڪرڻ ۽ حج جي قبُوليت ۾ رُڪاوٽ بنجڻ وارين شين کان پري رهڻ جي باوجود بہ انهن تي اهو خوف طارِي رهندو آهي تہ ڪٿي اسان کي هن دَر تان ڌڪاريو نہ وڃي.حالانڪ بارگاه الٰهي ۾ هنن مبارڪ هستِين جي زَبَردَست مَقبُوليت جي سبب ڪڏهن تہ سيني حاجِين جو حج قبول ڪيو ويندو آهي .اچو! حج جون بہ (2)ايمان افروز حڪايتون ٻڌون ۽ نصيحت جا مدني گل حاصل ڪيون جيئن

## لَبَّيك چوندي ئي بي هوش ٿي ويا

خاندانِ اَهلِ بَيت جا چَشم و چَراغ حضرت امام زَينُ العابدين عَلِي بِن حُسَين رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ حج جو شَرَف حاصل ڪيو، جڏهن احرام ٻڌو ۽ سواري تي



www.dawateislami.net

سوار ٿيا تہ چھرو مبارڪ زرد ٿي ويو ۽ ڏڪڻ لڳا، لَبَّيْک نہ چئي سگھيا، عرض ڪيو ويو: ”اوهان لَبَّيڪ نہ ٿا پڙهو؟“ فرمايائون: مون کي ڊپ آهي تہ ڪٿي جواب ۾ لَالَبَّيْک نہ چيو وڃي، عرض ڪيو ويو: احرام ٻڌي (حج جي نيت ڪرڻ کان پوءِ گھٽ ۾ گھٽ هڪ ڀيرو) لَبَّيْک چوڻ ضروري آهي. پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ لَبَّيڪ پڙهي تہ بيهوش ٿي ڪري سواريءَ تان زمين تي اچي ويا ۽ حج پوري ٿيڻ تائين اها صورت حال رهي ايستائين جو پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ پنهنجو حج مڪمل ڪيائون. (تهذيب التهذيب،حرف العين:من اسمه علي،علي بن حسين ...الخ، ۵/۶۷۰، رقم ۴۸۵۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## سَيِدَتُنا رابعہ عَدَوِيہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْھَا جو حج

حضرت سيّدتُنا رابعہ عَدَوِيّہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْھَا پنڌ ۾ اهو بہ پيرين اگھاڙي حج ڪيو اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي جيڪو بہ ڪاڌو عطا فرمايو اهو ايثار ڪري ڇڏيندي هئي، ڪعبي شريف جي ويجھو پهچندي ئي بيهوش ٿي ڪِري پئي. جڏهن هوش ۾ آئي تہ پنهنجو رخسار بيت اللّٰه شريف (جي چائنٺ) تي رکي عرض ڪيائين: يا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اها تنهنجي ٻانهن جي پناه گاهہ آهي ۽ تون انهن سان محبت فرمائين ٿو. مولىٰ! هاڻي تہ اکين مان ڳوڙها بہ ختم ٿي چڪا آهن، پوءِ طواف ڪيائين ۽ سعي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن وقوفِ عرفہ جو ارادو ڪيائين تہ عورتن وارا مخصوص ڏينهن شروع ٿي ويا، روئندي عرض ڪيائين: اي منهنجا مالڪ و مولىٰ عَزَّوَجَلَّ جيڪڏهن اهو معاملو توکان سواءِ ڪنهن غير جي طرفان ٿئي ها تہ ضرور مان تنهنجي بارگاهہ ۾ شڪايت ڪريان ها، هي تہ تنهنجي مرضي سان ٿيو آهي، ان ڪري شڪايت ڪيئن ٿي ڪري سگھان! اهو چوندي ئي انهن کي غيب جو آواز ڏيڻ واري ملائڪ



www.dawateislami.net

جي طرفان آواز آيو: ”اي رابعہ! اسان تنهنجي ڪري سيني حاجين جو حج قبول ڪري ورتو ۽ تنهنجي ان گهٽتائي جي ڪري سيني جون گهٽتائيون بہ پوريون ڪري ڇڏيون.“ (الروض الفائق،المجلس الثامن في ذكر حجاج ...الخ، ص۶۰)

یاخدا! حج پہ بُلا آکے میں کعبہ دیکھوں
کاش! اِکبار میں پھر میٹھا مدینہ دیکھوں
پھرمُیَسَّر ہو مجھے کاش! وُقُوفِ عَرَفات
جَلْوَہ میں مُزدَلِفہ اور مِنٰی کا دیکھوں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيان ڪيل ٻنهي حڪايتن کي ڀڏي ڪري اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ الله وارن ۽ الله وارين جو حج، بارگاه خداوندي ۾ قبوليت جي ڪيتري اعليٰ مرتبي تي هوندو آهي، حج دوران حضرت سَيدَتُنا رابعہ بصري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي اِيثار جو جذبو بہ ساراهہ جوڳو هو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا پنهنجو ڪاڏو پڻ راه خدا ۾ ايثار ڪنديون هيون، پر بکايل رهنديون هيون، حج جي رڪنن دوران مخصوص ڏينهن اچڻ جي باوجود زبان تي شڪوه رنج و اَلَم آڻڻ جي بدران صَبر ۽ شُڪر جو مُظَاهرو ڪيو، تہ الله عَزَّوَجَلَّ کي پنهنجي ٻنهي جي اها ادا ايتري قدر پسند آئي جو رب تعالي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا جي طُفَيل سمورن حاجين جو حج قبول ڪري ورتو. بيان ڪيل حِڪايت ۾ اسان سيني جي لاءِ نَصِيحت جا مدَني گل موجود آهن، جو جيڪڏهن مُقدّر ساٿ ڏئي ۽ اسان مان ڪنهن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان حج جي سعادت مِلي ۽ هن مبارڪ سفر ۾ اسان کي ڪا تڪليف پهچي مثلاً حج دوران جيڪڏهن گرمي جي شِدَّت وڌيڪ ٿي، بيماري ٿئي، سامان يا رقم وغيره چوري ٿئي، مُناسِب رِهائش گاهہ نہ مِلي يا ان جي علاوه ڪو ٻيو صَدَمو پهچي تہ اڳ ۾ ذهن بنائڻ گهرجي تہ هنن



www.dawateislami.net

تڪليفن تي صَبر ڪري اَجر و ثواب جو خَزانو لُٽڻ جي ڪوشش ڪندس، عاشقن جي لاءِ هن مبارڪ سفر جو تہ ڪندو بہ گل جيان هوندو آهي جڏهن تہ مخلوق جي اڳيان پنهنجي پريشاني جو اِظهار ڪرڻ هرگز عَقلمندن ۽ عِشق وارن جو شيوه ناهي.

| | |
|---|---|
| مکّہ بھی ہو نصیب مدینہ نصیب ہو | دشتِ عَرَب نصیب ہو صَحرا نصیب ہو |
| کعبے کے جلوؤں سے دلِ مُضْطَر ہو کاش! شاد | لُطفِ طوافِ خانَۂ کعبہ نصیب ہو |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس حج وعمره

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان نهايت خوش نصيب آهيون جو الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دعوتِ اِسلامي جو مدَني ماحول عطا فرمايو، الله عَزَّوَجَلَّ جي فَضَل و ڪرم سان دعوتِ اِسلامي تبليغِ دين جي 103 شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف آهي، انهن شُعبن مان هڪ شُعبَو "مجلسِ حج وعُمره" بہ آهي جيڪا حج و عُمره جي لاءِ وڃڻ وارن اِسلامي ڀائرن ۽ اِسلامي ڀينرن جي باقاعده تَربِيت ڪرڻ، انهن کي بارگاهِ خُداوَندي ۽ بارگاهِ مُصطَفوِي جا آداب ۽ ضروري مسئلا سيکارڻ جي لاءِقائم ڪئي وئي آهي. هن مجلس ۾ شامل تَربِيت يافتہ مُبَلّغ اِسلامي ڀائر هر سال حج جي مَوسمِ بهار ۾ حاجي ڪيمپن ۾ وڃي حاجين جي تَربِيَت ڪندا آهن جڏهن تہ مُبَلّغات اِسلامي ڀينرون حاجياڻين جون تَربِيت ڪنديون آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن مجلس جي تَحت حج وزيارتِ مدينہ جي لاءِ مڪي مديني وڃڻ وارن کي اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جا تحرير ڪيل ڪتاب "رَفِيقُ الْحَرَمَين" ۽ "رَفِيقُ الْمُعْتَمِرِين" بہ تحفي طور پيش ڪيا ويندا آهن تہ



www.dawateislami.net

جيئن الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر جا مهمان ۽ حبيبِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا عاشق هن عِبادت کي اَحسَن طريقي سان ادا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن.

شيخ طريقت، اميرِاهلسنّت، باني دعوتِ اِسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رَضَوِي ضِيائي دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه نيڪين جا پاڻ بہ حريص آهن ۽ اُمّتِ مسلمہ کي بہ نيڪين جي ترغيب ڏياريندا رهندا آهن، پاڻ "براءِ حج و سفرِ مدينه" 19 مدني انعامات سوالن جي صورت ۾ عطا ڪيا آهن. انهن مدني انعامن کي اپنائڻ وارن کي پاڻ جيڪا دُعا ڏني آهي اها بہ ٻڌي ونو:

”ياربَّ المصطفٰي! جيڪو بہ عمري شريف جي سفر ۾ انهن مدني انعامات جي مطابق پنهنجو وقت گذاري، اُن کي مرڻ وقت محبوبن ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جلوو ڏيکار".

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ هر حاجي جي اها آرزو هوندي آهي تہ اهو حج جون برڪتون ۽ ان مان حاصل ٿيڻ وارن اُخرَوِي فائدا ۽ ثمرات گڏ ڪري واپس موٽي ۽ ان جو شُمار بہ انهن خُوش نصيبن ۾ ٿئي، جنن جا حج بارگاهِ خُداوَندي ۾ قبُوليت جو شَرَف حاصل ڪندا آهن، تنهنڪري جن خُوش نصيبن کي حج ۽ عُمري جي سَعَادت حاصل ٿئي، اُنهن کي گهرجي تہ چڱي طرح غور ڪري ونن تہ جنهن مال مان اهو حج ۽ عُمرو ڪرڻ وڃي رهيا آهن اهو حلال ۽ پاڪ بہ آهي يا نہ، چوتہ حج جي قبُوليت جي نشانين مان هڪ نشاني اها بہ بيان ڪئي وئي آهي تہ اهو حج حلال مال مان ڪيو



www.dawateislami.net

ويو هجي، ياد رهي! تہ صرف حج ئي نہ بلڪ هر قِسم جي مالي عِبادت جي لاءِ ضروري آهي تہ اها پاڪ ۽ حلال مال مان ادا ڪئي وڃي. اچو! هن باري ۾ 2 عِبرت آموز حديثون ٻڌون ۽ خوفِ خدا سان ڏڪو جيئن تہ

1. جڏهن ڪو حاجي حلال مال سان گڏ حج ڪرڻ جي لاءِ نڪرندو آهي ۽ پنهنجي سُواري جي رِڪاب ۾ پير رکي (يعني سفر جو اراده ڪري) لَبَّيك اَللّٰهمَّ لَبَّيك چوندو آهي تہ آسمان تان هڪ پڪارڻ وارو پڪاريندو آهي لَبَّيك وَسَعْدَيك تنهنجو زادِ راه حلال آهي، تنهنجي سُواري حلال آهي، تنهنجو حج، مَقبُول ۽ تُون گناهن کان پاڪ آهين ۽ جڏهن ڪو حاجي حَرَام مال سان حج ڪرڻ جي لاءِ نڪرندو آهي ۽ پنهنجي سُواري جي رِڪاب ۾ پير رکي (يعني سفر جو ارادو ڪري) لَبَّيك چوندو آهي تہ آسمان تان هڪ پڪارڻ وارو پڪاريندو آهي لَا لَبَّيك وَلَاسَعْدَيك تنهنجو زادِراه حرام آهي ۽ ٻارن ٻچن جو خَرچ حرام آهي ۽ تنهنجو حج، مَقبُول ناهي. (معجم اوسط،من اسمه محمد، ۶۵/۴،حديث:۵۲۲۸)

2. جيڪو ٻانهو حرام مال حاصل ڪري پوءِ ان کي خَرچ ڪري تہ ان ۾ بَرڪت نتي ڏني وڃي، صَدَقُو ڪري تہ مقبُول نہ آهي ۽ ٻاڻ کان پوءِ ڇڏي مري تہ جَهنَّم ۾ وڃڻ جو سامان آهي- (مسند احمد،مسند عبد الله بن مسعود،۳۴/۲،حديث: ۳۶۷۲)

## حرام مال سان حج ڪرڻ واري جي شامت

اعليٰ حضرت،امامِ اَهلسنت مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فتاويٰ رضويہ جلد23 صفحي 541 تي فرمائن ٿا: وياج جي پيسن سان جيڪو نيڪ ڪم ڪيو وڃي، ان مان ثواب حاصل نہ ٿيندو. حديث شَريف ۾ آهي: جيڪو



www.dawateislami.net

حرام مال کڻي ڪري حج تي وڃي ٿو، جڏهن لَبَّيك اَللّٰهُمَّ لَبَّيك چوندو آهي، اللّٰه تعاليٰ اِرشاد فرمائيندو آهي: نہ تنهنجي لَبَّيڪ قبول، نہ خدمت مقبول ۽ تنهنجو حج مَردود آهي. (اتحاچيف السادة ،كتاب اسرار الحج،الباب الثالث في آداب الدقيقة ...الخ، ۷۲۷/۴)

ايستائين جو تون اُهو حرام مال جيڪو تنهنجي قبضي ۾ آهي اُن جي مستحقن کي واپس ڏئي ڇڏين. حديث ۾ آهي:رسولُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ اللّٰهَ طَيِّبٌ لَايَقْبَلُ اِلَّا طَيِّبًا اي انسانو! بيشڪ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي،پاڪ شين کي ئي قَبول فرمائيندو آهي. ( مُسلِم، كتاب الزكاة، باب قبول الصدقة...الخ، ص۵۰۶، حديث:۱۰۱۵) (فتاويٰ رضويه، ۲۳ /۵۴۲- ۵۴۶ بتغير قليل)

شيخ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه پنهنجي هڪ ڪلام ۾ اُمّتِ مسلمہ کي حرام مال جي نحوستن کان بچڻ جي لاءِ نصيحت جا مدني گل عطا فرمائي رهيا آهن:

نارِ دوزخ میں نہ لے جائے کہیں مالِ حرام کر لو توبہ چھوڑ دو اے بھائیو !سب ہیرْ پھیر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي حرام مال جي نُحُوست جا نتيجا نهايت خَطرناڪ هوندا آهن جو اهو حج ۽ صَدَقي جهڙي وڏين وڏين عِبادتن کي بہ نہ صرف ضايع ڪرائيندو آهي، بلڪ مالِ حرام مَرڻ کان پوءِ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جَهنّم ۾ وٺي وڃڻ جو سامان بہ بڻجي سگهي ٿو، تنهنڪري مالِ حرام سان حج ڪرڻ وارن کي قَبُوليت حج جي اُميد لڳائڻ جي بدران اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي خُفيہ تَدبِير کان ڊڄڻ گهرجي جو جيڪڏهن حرام مال سان ڪيل حج جي سبب ئي پڪڙ ٿي وئي تہ ذِلّت ۽ رُسوائي کان علاوه ٻيو ڪجھ نہ ورندو.



www.dawateislami.net

ان ڪري جن جن ماڻهن حرام مال سان ڪڏهن حج ڪيو آهي، اُنهن تي لازم آهي تہ اهي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ مالِ حرام سان حج ڪرڻ، حرام ڪمائڻ ۽ ڪاڌو ڪارائڻ کان سچّي پَڪي توبہ ڪن ۽ آئنده حرام مال کان بچندي رزقِ حلال ئي ڪمائڻ ۽ ان مان ئي صدقو ۽ حج وغيره نيڪيون ادا ڪرڻ جو پختو عزم ڪن ۽ جمع شده حرام مال بابت دارُالاِفتا اَهلسنت کان شَرعي رَهنُمائي بہ حاصل ڪري وٺن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان حج جي فَضِيلت ۽ مقبول حج جي نشانين باري ۾ ٻڌو تہ:

- مقبول حج جي هڪ نشاني اها آهي تہ حاجي جن نافرمانين ۾ اڳ ۾ مُبتَلا هو، انهن کي ڇڏي ڏئي ۽ پنهنجن بُرن دوستن کي ڇڏي نيڪن جي صحبت اختيار ڪري، راند روند ۽ غفلت جي مجلسن کي ڇڏي ذِڪر ۽ فِڪر ۽ بيداري جون محفلون اختيار ڪري.
- مقبول حج جي هڪ نشاني اها آهي تہ حاجي ڀهريان کان سنو تي موٽي.
- مقبول حج جي هڪ نشاني اها آهي تہ(حاجي کي کپي تہ اهو) حاجت کان وڌيڪ زادِ راھ کڻي تہ جيئن ساٿين جي مدد ۽ فقيرن تي صدقو ڪندي هلي.



www.dawateislami.net

❖ مقبول حج جي هڪ نشاني اها آهي آهي تہ حج جي دوران حاجي کو گناه جو کم نہ کري، نہ ئي رِيا کاري ۽ شهرت جو کو شڪ ۽ شُبَہ تئي، بلڪ محض الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا جي لاءِ هجي.

❖ مقبول حج جي هڪ نشاني اها آهي آهي تہ حج جهيڙي جهتي، گناه ۽ ڏيکاء کان خالي هجي ۽ صحيح ادا کيو وجي، نمازون وغيره ادا کري کيو وجي.

❖ مقبول حج جي هڪ نشاني اها آهي آهي تہ جنهن کان پوءِ حاجي دنيا کان بي رغبت ۽ آخِرت ۾ رغبت رکڻ وارو بڻجي رهي، يا حاجي جي دل نَرم کري ڇڏي جو ان جي دل ۾ سَوز ۽ اکين ۾ آلاڻ رهي.

الله تبارک وتعاليٰ پنهنجي مدَني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صَدَقي اسان سيني کي مقبول حج ۽ سفرِ مدينہ جي سَعَادت نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم کندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل کيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت**



www.dawateislami.net

ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنَّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## مِسواڪ جون سُنّتون ۽ آداب:

اچو! شيخِ طريقت،اميرِاهلسنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي رِسالي "163مَدني گل" مان مِسواڪ جون سنّتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.

پهريان 2 فرمان مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مُلاحَظ ٿين: * ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏنڊڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن ڪان افضل آهن.[2] * مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو ته هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي.[3] * حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ڪان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏھ خوبيون آهن: (ڪجھ هي آهن) وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي

---

1...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

2...اَلتَّرغِيب وَالتَّرهِيب ،كتاب الطهارة،الترغيب فى السواک ...الخ،١٢٧/١،حديث:٣٣٧

3...مُسندِ احمد ،مسند عبدالله بن عمربن الخطاب، ٢ /٤٣٨،حديث:٥٨٦٩



www.dawateislami.net

ٿئي ٿو. ❋ حضرت سَيِدُنا امام شافِعِي رَحْمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائيندڙيون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ[4] ❋ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ❋ مسواڪ جي ٿولھ چيچ جي برابر هجي. ❋ مِسواڪ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلايو نہ، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهارشريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتين ۽ آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

تری سُنّتوں پہ چل کر میری روح جب نکل کر چلے تو گلے لگانا مدنی مدینے والے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

4...اِحیاء الْعُلوم،کتاب آداب الاکل،فصل:یجمع آدابا ...الخ،۲/۲۷



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[5]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[6]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

---

[5]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[6]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[7]

## (4) ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[8]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[9]

## (6) دُرُود شَفَاعت

---

[7]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[8]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[9]...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[10]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[11]

## 2 جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ،

سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[10] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[11] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net